


سنڌي

# صديق اڪبر جو شان
رَضِیَ اللہُ عَنْهُ

پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

**ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ ڪان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:**

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص۴٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو شان

ڇاپو پهريون: جمادي الثاني 1442هہ، جنوري 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو شان

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو شان ........................................ 1
دعاءِ عطار ........................................................... 1
درود شريف جي فضيلت ............................................ 1
ايمان افروز خواب .................................................. 1
سڀ کان وڌيڪ سعادتمند ........................................ 3
تعارف ................................................................. 3
ضروري مسئلو ........................................................ 5
زمين کان وڌيڪ آسمان تي شهرت ................................ 10
"حضرت ابوبڪر صديق" جي 14 اکرن جي نسبت سان 14 فرمانِ
مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ........................................ 10
علم تعبير ............................................................. 14
منظورِ نظر ............................................................ 14
دنيا کان ڪناره ڪشي ............................................... 15
شان صديق اڪبر ...................................................... 16
وصال شريف ......................................................... 18
ڪلمي شهادت جي برڪت ............................................ 18
صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان جو گهٽ ادب ڪيو .......................... 20
گستاخِ صحابہ کان پري رهو ......................................... 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# صديق اکبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو شان

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”صديق اکبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو شان“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي بي حساب بخشي جنّتُ الفردوس ۾ جنّتي ابنِ جنّتي، صحابي ابنِ صحابي حضرتِ صديقِ اکبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو پاڙو عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت سيّدُنا صديقِ اکبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو فرمان آهي: نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهڻ گناهن کي ايتري قدر جلدي مٽائي ڇڏي ٿو جو پاڻي بہ باهہ کي ايترو جلدي ناهي وسائيندو ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلڻ غلام آزاد ڪرڻ کان افضل آهي. (تاريخ بغداد جلد٧ص ١٧٢)

جو مريضِ لادوا کسی غم میں مبتلا صبح و مسا پڑھے سدا صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان افروز خواب

اسلام جو سج اُڀرڻ کان پهريان جاهليت جي دور ۾ هڪ نهايت نيڪ سيرت واپاري (بزنس مين) مُلڪِ شام ۾ واپار (يعني بزنس) جي لاءِ ويو، اُتي اُن هڪ خواب ڏٺو، جيڪو ”بحيرا“ نالي راهب کي

ٻڌايائين. اُن راهب پڇيو: توهان ڪٿان آيا آهيو؟ ان واپاري جواب ڏنو: ”مڪي مان.“ ان وري پڇيو: ”ڪهڙي قبيلي سان تعلق رکو ٿا؟“ واپاري ٻڌايو: ”قريش سان“ راهب پڇيو: ”ڇا ڪندا آهيو؟“ جواب ڏنائون: واپاري (بزنس مين) آهيان.“ اهو راهب چوڻ لڳو: ”جيڪڏهن الله پاڪ توهان جي خواب کي سچو فرمايو تہ هُو توهان جي قوم ئي ۾ هڪ نبي موڪليندو، اُن جي زندگي ۾ توهان ان جا وزير هوندؤ ۽ وصال شريف کان پوءِ انهن جا جانشين ٿيندؤ.“ ان نيڪ سيرت واپاري پنهنجو اِهو خواب ۽ ان جي تعبير ڪنهن ٻي کي ڪونہ ٻُڌايو جڏهن اسلام جو سج اُڀريو، الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اعلانِ نبوت فرمايو تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هن واپاري کي ملڪِ شام ۾ ڏٺل اُن خواب ۽ ان جي تعبير وارو واقعو دليل طور خودبخود ارشاد فرمايو جنهن کي ٻڌندي ئي اِهو نيڪ سيرت واپاري حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ڳلي لڳو ۽ پيشاني مبارڪ چمندي چيو: مان گواهي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي ۽ مان هن ڳالھ جي گواهي ڏيان ٿو تہ اوهان الله جا سچا رسول آهيو. اُن نيڪ سيرت واپاري جو چوڻ آهي: اُن ڏينهن منهنجي اسلام آڻڻ تي سڄي مڪي پاڪ ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ ڪوئي خوش نہ هو.“ (الرياض النضرة، ج١، ص٨٣)

**اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت!** ڇا توهان ڄاڻيو ٿا اهو نيڪ سيرت واپاري ڪير هو؟ جي ها! اهو مسلمانن جو پهريو خليفو، سڀ کان وڏو متقي(يعني پرهيزگار) جنتي ابن جنتي، صحابي ابن صحابي يار غار و يارِ مزار حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هو.

## سب کان وڌيڪ سعادتمند

"سُبُلُ الهُدَيٰ والرَّشاد" ۾ آهي: حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ خواب ڏٺو تہ مڪي شريف ۾ هڪ چنڊ لٿو آهي، ڏسندي ئي ڏسندي اهو چنڊ ٻہ ٽڪر ٿي پيو ۽ ان جا ٽڪرا مڪي شريف جي هر گهر ۾ داخل ٿي ويا پوءِ چنڊ جا ٽڪرا جمع ٿي ويا ۽ اهو چنڊ سندن هنج ۾ اچي ويو. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان جو تعبير پڇيو تہ ٻڌايو ويو تہ اهي نبي آخرالزمان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن جن جو انتظار آهي، توهان اُنهن جي اتباع ڪرڻ وارا ۽ ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ سعادتمند هوندؤ. جڏهن آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نبوت جو اعلان فرمايو ۽ ڪين اسلام جي دعوت ڏني تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بنا دير جي يڪدم اسلام قبول ڪيو.

(سبل الهديٰ والرشاد، ج٢ ص ٣٠٣)

الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

بیاں ہو کس زباں سے مرتبہ صدیقِ اکبر کا
ہے یارِ غار محبوبِ خدا صدیقِ اکبر کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تعارف

اي عاشقانِ صحابہ و اهل بيت! مسلمانن جي پهرئين خليفي،

اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا صدّيق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو مبارڪ نالو عبدالله، ڪُنيت ابوبڪر ۽ صديق وعتيق سندن رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا لقب آهن، سُبحٰنَ الله! صديق جي معنيٰ آهي گهڻو سچ ڳالهائيندڙ، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جاهليت واري دور ۾ ئي انهي لقب سان مشهور ٿي ويا هئا، ڇو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سدائين سچ ئي ڳالهائيندا هئا، ۽ عَتِيق جي معنيٰ آهي ”آزاد“، الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيندڙ پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي خوشخبري ڏيندي فرمايو: ”اَنْتَ عَتِيْقٌ مِنَ النَّار“ يعني اوهان جهنم جي باھ کان آزاد آهيو، تنهنڪري سندن جو لقب عَتِيق ٿيو، (تاريخ الخلفاء ص 29) پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قريشي هئا ۽ ستين پيڙهي ۾ سندن جو نسب رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خانداني شجري سان ملي وڃي ٿو، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عام الفيل (يعني جنهن سال بد بخت بادشاھ اَبرَهہ هاٿين جي لشڪر سان ڪعبي شريف تي حملو ڪيو هو ان) جي تقريبًا اڍائي سالن کان پوءِ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا.

الٰہی! رحم فرما! خادمِ صدیقِ اکبر ہوں
تری رحمت کے صدقے، واسطہ صدیقِ اکبر کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مبارڪ حليو

مسلمانن جي پياري پياري امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشہ صديقہ طيّبہ طاهره عابده عفيفہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان پڇيو ويو: ”حضرت ابوبڪر

صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو حليو (مبارڪ) ڪيئن هو؟“ فرمايائون:”سندن رنگ اڇو، جسم ڪمزور ۽ ڳل گهٽ گوشت وارا هئا، چيلهه جي طرف تهبند(گوڏ) ڇڪي ٻڌندا هئا ته جيئن لٽڪڻ سان محفوظ رهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي چهري جون رڳون واضع نظر ايندڙيون هيون، انهيءَ طرح ترين جون پويون رڳون به صاف نظر ايندڙيون هيون.“ (تاريخ الخلفاء، ص۲۵)

بہتری جس پہ کرے فخر وہ بہتر صدیق
سَروری جس پہ کرے ناز وہ سرور صدیق

## ضروري مسئلو

فضيلتن ۽ مرتبن جي اعتبار سان مسلڪِ حق اهلسنت و جماعت جي نزديڪ ترتيب بيان ڪندي حضرت علامه مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ فرمائن ٿا: تمام صحابه ڪرام اعليٰ و ادنيٰ (۽ انهن ۾ ادنيٰ ڪوبه ناهي) سڀ جنتي آهن، انبياء و مرسلين عَلَيۡهِمُ السَّلَام ڪان پوءِ سڄي مخلوقِ الٰهي انسانن، جنن ۽ ملائڪن ڪان افضل”صديق اڪبر“ آهن، پوءِ عمرفاروق، پوءِ عثمانِ غني، پوءِ موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهم، چار خلفاءِ راشدين ڪان پوءِ باقي عشره مبشره ۽ حسنينِ ڪريمين ۽ اصحابِ بدر و اصحابِ بيعةُالرّضوان (عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) جي لاءِ افضليت آهي ۽ اهي سڀ قطعي جنتي آهن. افضل جي معنيٰ هي آهي ته الله پاڪ وٽ وڌيڪ عزت ۽ منزلت وارو هجي، انهيءَ کي ڪثرتِ ثواب سان به تعبير ڪن ٿا. (بهارِ شريعت، جلد۱ ص۲۴۱ ڪان ۲۴۵ ملخصاً)

مصطفٰے کے سب صحابہ جنتی ہیں لاجرم
سب سے راضی حق تعالٰی سب پہ ہے اُس کا کرم

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی | جنتی جنتی | حضرت عثمان بھی | جنتی جنتی |
| حضرت صدیق بھی | جنتی جنتی | فاطمہ اور علی | جنتی جنتی |
| اور عمر فاروق بھی | جنتی جنتی | ہر زوجہ نبی | جنتی جنتی |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سڀ کان وڏو متقي

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! مسلمانن جي پهرين خليفي، صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي شان و عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي! سندن فضائل آسمان جي تارن، زمين جي ذرّن وانگر بيشمار آهن، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جا فضائل قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيا ويا آهن، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن فضيلت بيان فرمائي بلڪ ملائڪن جي سردار حضرت جبريل عَلَیۡہِ السَّلَام بہ حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سان پيار ڪن ٿا. الله پاڪ قرآنِ ڪريم جي سيپاري 30، سورةُ اللّيل آيت نمبر 17 کان 21 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ سَیُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ﴿۱۷﴾ الَّذِیْ یُؤْتِیْ مَالَهٗ یَتَزَكّٰى ﴿۱۸﴾ وَ مَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰۤى ﴿۱۹﴾ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى ﴿۲۰﴾ وَ لَسَوْفَ یَرْضٰى ﴿۲۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان کان گهڻو پري رکيو ويندو جيڪو سڀ کان وڏو پرهيزگار آهي. جيڪو پنهنجو مال ڏي ٿو تہ پاڪ صاف ٿئي. ۽ ڪنهن جو بہ ان تي ڪو احسان نہ آهي جنهن جو بدلو ڏنو

وجي. فقط پنهنجي رب جي رضا ڳولي ٿو جيڪو سڀ کان بلند آهي. ۽ بيشڪ قريب آهي جو اهو راضي ٿيندو.

اڄ کان تقريبًا اٺ سؤ سال پراڻو بزرگ حضرت امام فخرُ الدّين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تفسيرِ ڪبير ۾ ارشاد فرمائي ٿو:”مفسرينِ ڪرام (رَحِمَهُمُ اللّٰهُ) جو هن ڳالهه تي اجماع (يعني اتفاق) آهي ته هيءَ آيت سڳوري اَميرُالمؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي باري ۾ نازل ٿي.“ (تفسيرِ ڪبير ، جلد١١ ، ص١٨٧)

خدا اکرام فرماتا ہے اتقٰی کہہ کے قرآں میں
کریں پھر کیوں نہ اکرام اتقیا صدیق اکبر کا

## شان نزول

جڏهن حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ (مؤذنِ رسول) حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي تمام مهانگي قيمت ۾ خريد ڪري آزاد ڪيو ته ڪافرن کي ڏاڍي حيرت ٿي ۽ انهن چيو حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ائين ڇو ڪيو؟ شايد حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو اُن تي ڪو احسان هوندو انڪري انهن مهانگي قيمت ۾ انهن کي خريد ڪري آزاد ڪيو. اُن تي هيءَ آيت نازل ٿي ۽ هن آيت ۾ هن کان بعد واري آيت ۾ ظاهر فرمايو ويو ته حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو اِهو فعل صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ آهي ڪنهن جي احسان جو بدلو ناهي ۽ نه ئي انهن تي حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وغيره جو ڪو احسان آهي.(خازن ، اللّيل ، تحت الآية:١٩_٢٠ جلد٤ ص٣٨٥)

**اي عاشقان صحابہ و اهلبيت!** ياد رهي تہ حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ کان علاوه بہ ڪيئي ماڻهن کي انهن جي اسلام آڻڻ جي سبب خريد ڪري آزاد ڪيو جيئن حضرتِ عامر بن فهيره، حضرت اُمِّ عُميس ۽ حضرتِ زهره رَضِیَ اللہُ عَنۡهُم ۽ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جي اسلام جي ِدعوت عام ڪرڻ جي برڪت سان پنج انهن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡهُم اسلام آندو جن جو شمار"عشره مُبَشَّره" ۾ ٿئي ٿو. (عشره مبشره اهي ڏهہ صحابہ ڪرام آهن جن کي انهن جي زندگي ئي ۾ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت جي خوشخبري عطا فرمائي هئي)

وہ دسوں جن کو جنت کا مژدہ ملا

اُس مبارک جماعت پہ لاکھوں سلام

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی | جنتی جنتی | حضرت عثمان بھی | جنتی جنتی |
| حضرت صدیق بھی | جنتی جنتی | فاطمہ اور علی | جنتی جنتی |
| اور عمر فاروق بھی | جنتی جنتی | ہر زوجہ نبی | جنتی جنتی |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

حضرت مفتي احمد يارخان رَحۡمَةُ اللہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جي خريداري تي حضوراڪرم (صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جي لاءِ فرمايو هو: اي ابوبڪر! بلال جي خريداري ۾ اسان کي بہ ساڻ ملايو، اڏ قيمت اسان کان وٺو پاڻ ٻئي هن جا خريدار آهيو. تہ حضرت صديق اڪبر (رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ) جهومي اٿيا قدمن تي فدا ٿي چيائون: حضور(صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مان بہ توهان جو غلام، بلال بہ توهان جو

غلام، حضور! مون ان کي اوهان (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي لاءِ خريديو آهي مون انهن کي آزاد ڪيو. (حضرت) بلال (رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) جڏهن مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو چهرو ڏٺو تہ چهرو پاڪ ڏسندي ئي بيهوش ٿي ڪِري پيا، حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پنهنجي مبارڪ چادر سان (ان جي) چهري تان ڌوڙ مٽي صاف ڪئي ۽ فرمايو: اُوْذِيْتَ فِي اللهِ كَثِيْرًا يعني اي بلال تو الله جي راهہ ۾ وڏيون تڪليفون برداشت ڪيون.

مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا: اي صديق! توتي لکين سلام جو تو اسان سيني مسلمانن جي آقا حضرتِ بلال کي آزاد ڪيو. توهان اسان جي آقا حضرت بلال کي آزاد ڪيو توهان اسان جي آقا جا آقا آهيو. (مراٰة المناجيح ، ج٨ ص٣٥٢)

گدا صدیق اکبر کا خدا سے فضل پاتا ہے
خدا کے فضل سے میں ہوں گدا صدیق اکبر کا

## جنتِ عدن جو حقدار ڪير؟

صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن ابوبڪر صديق (رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) پيدا ٿيا تہ الله پاڪ جنتِ عدن کي ارشاد فرمايو: مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! تنهنجي اندر انهن ماڻهن کي داخل ڪندس جيڪو هن پيدا ٿيڻ واري (يعني حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) سان محبت رکندو. (مختصر تاريخ دمشق ، جلد١٣ ص٦٩)

تُو ہے آزاد سقر سے ترے بندے آزاد
ہے یہ سالک بھی ترا بندہ بے زر صدیق

## زمين کان وڌيڪ آسمان تي شهرت

جنتي صحابي حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته هڪ ڀيرو حضرتِ جبريل اَمين (عَلَیْہِ السَّلَام) بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيو ۽ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو، حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اُتان لنگهيا ته جبريل عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: ”يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! هي ابو قحافه جا پٽ آهن.؟“ ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”اي جبريل! ڇا توهان آسمان ۾ رهڻ وارا هن کي سڃاڻو ٿا؟“ حضرت جبريل اَمين (عَلَیْہِ السَّلَام) عرض ڪيو:”اُن ربّ جو قسم جنهن اوهان کي سچو نبي بڻائي موڪليو آهي! ابوبڪر زمين کان وڌيڪ آسمانن ۾ مشهور آهن ۽ آسمانن ۾ سندن نالو ”**حليم**“ آهي.“ (الرياض النضرة ، جلد١ ، ص٨٢)

## ”حضرت ابوبڪر صديق“ جي 14 اکرن جي نسبت سان 14 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(1) جنهن کي دوزخ کان آزاد شخص ڏسڻو هجي اهو”ابوبڪر“ کي ڏسي. (**معجم اوسط، جلد6 ص 456، حديث:9384**)

(2) ابوبڪر جي محبت ۽ انهن جو شڪر منهنجي سڄي امت تي واجب آهي.(**تاريخ الخلفاء، ص44**)

(3) ابوبڪر!منهنجي امت مان سڀ کان پهريان جنّت ۾ داخل ٿيڻ وارا شخص توهان ئي هوندؤ.(**ابوداؤد، جلد4 ص 280، حديث:4652**)

(4) (اي ابوبڪر!) توهان باهه کان الله پاڪ جا آزاد ڪيل آهيو. (**ترمذي، حديث:3699**)

(5) ”اي ابو الحسن(يعني حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي مخاطب ٿي فرمايو:) منهنجي ويجهو ابوبڪر جو اهو ئي مقام آهي جيڪو الله پاڪ وٽ منهنجو مقام آهي.“ (الرياض النضرة، جلد1 ص185)

(6) الله پاڪ ڪجهه جنّتي حورن کي گُلن مان پيدا ڪيو آهي ۽ انهن کي گلابي حورون چيو ويندو آهي، انهن کان صرف نبي يا صديق يا شهيد ئي نڪاح ڪري سگهن ٿا ۽ ابوبڪر کي اهڙيون چار سؤ حورون عطا ڪيون وينديون. (الرياض النضرة، ج1 ص184)

(7) مونکي آسمانن جو سير ڪرايو ويو، منهنجو جنهن آسمان تان گذر ٿيو مون اُتي پنهنجو نالو لکيل ڏٺو ۽ پنهنجي نالي سان گڏ ابوبڪر جو نالو بہ لکيل ڏٺو. (مجمع الزوائد، الحديث:14296)

(8) مون تي جنهن جنهن جو احسان هو مون ان جو بدلو چڪائي ڇڏيو آهي، پر ابوبڪر جا مون تي اهي احسان آهن جن جو بدلو الله پاڪ قيامت جي ڏينهن انهن کي عطا ڪندو. (ترمذي شريف، حديث:3681، جلد5ص 374)

(9) ”ابوبڪر دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو ياءُ آهي، الله پاڪ ان تي رحم فرمائي ۽ الله جي رسول جي طرفان ان کي بهتر جزا ڏئي جو ان پنهنجي جان ۽ مال سان منهنجي مدد ڪئي آهي. (الرياض النضرة، ج1 ص 131)

(10) ابوبڪر تي ڪنهن کي فضيلت نہ ڏيو جو اهو دنيا ۽ آخرت ۾ توهان سيني(صحابہ) سان افضل آهي.“ (الرياض النضرة، ج1 ص137)

(11) منهنجي اُمت جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ مهربان ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ آهن.(ترمذي شريف، حديث:3814، ملتقطاً)

(12 اي ابوبڪر! الله پاڪ قيامت جي ڏينهن مخلوق تي عام تجلّي فرمائيندو ۽ توهان تي خاص تجلّي فرمائيندو. (لسان الميزان، جلد 2 ص 114، رقم:1783)

سارے اصحابِ نبی تارے ہیں اُمت کے لئے | ان ستاروں میں بنے مہرِ منور صدیق
ان کے مداح نبی اِن کو ثنا گو اللہ | حق ابو الفضل کہے اور پیمبر صدیق

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عاشقِ اڪبر جو عشقِ رسول

عظيم تابعي بُزرگ حضرتِ امام محمد بن سيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن حضرت سيّدنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ غار ڏانهن وڃي رهيا هئا تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪڏهن اڳيان هلندا هئا تہ ڪڏهن پويان، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇا ڪئي، ائين ڇو ٿا ڪيو؟ عرض ڪيائون: جڏهن مون کي ڳولڻ وارن جو خيال اچي ٿو تہ توهان جي پويان ٿي وڃان ٿو ۽ جڏهن لڪي وَارُ ڪندڙن جو خيال اچي ٿو تہ اڳيان اڳيان هلڻ لڳان ٿو، جو ائين نہ ٿئي جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪا تڪليف پهچي، پياري پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڇا توهان خطري جي صورت ۾ منهنجي اڳيان مرڻ پسند ڪيو ٿا؟ عرض ڪيو: رَبِّ ذوالجلال جو قسم! منهنجي اهائي آرزو آهي. (عاشقِ اڪبر، ص31)

پروانے کو چراغ تو بلبل کو پھول بس　　صدیق کے لیے خدا کا رسول بس

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”قطعي جنتي“ (يعني يقيني جنتي) جي 8 اکرن جي نسبت سان 8 خصوصياتِ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ

(1) پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري مبارڪ زندگي ۾ 17 نمازون پڙهايون.

(2) پاڻ ئي سڀ کان پهريان قرآن ڪريم کي جمع فرمايو. (عمدة القاري، جلد13 ص534)

(3) پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سڀ کان پهريان حضور ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ نماز پڙهڻ وارا آهن. (تاريخ الخلفاء ص 25)

(4) اهلسنت و جماعت جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته انبياء و مرسلين عَلَیۡہِمُ السَّلَام کان پوءِ تمام انسانن، جنن ۽ ملائڪن کان افضل ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ آهن.

(5) پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پنهنجي زندگي جا 47 سال حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ گذاريا. (فتاويٰ رضويه، جلد28 ص457 تسهيلاً ملخصاً ملتقطاً)

(6) پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ اهي خوش نصيب انسان آهن جو پاڻ صحابي، پيءُ صحابي، پُٽ صحابي، ڏيئرون، پوٽا ۽ ڏوهٽا صحابي، رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم (تاريخ ابن عساڪر، جلد 30 ص 19) سندن کان علاوه هيءُ اعزاز ڪنهن کي حاصل نه ٿيو.

(7) پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سڀ کان پهريان مسجدُ الحرام شريف ۾ خطبو ڏنو. (تاريخ ابن عساکر، رقم:3398)

(8) پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندا هئا.

## علم تعبير

حضرت صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي علمِ تعبير ۾ مهارت جو راز اِهو هو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اِهو علم براہ راست بارگاهِ رسالت مان حاصل ڪيو هو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مونکي خوابن جي تعبير ٻڌائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ هيءُ تہ مان اِهو علم "ابوبڪر" کي سيکاريان. (تاريخ ابن عساكر ، حديث:٦٣٢٥)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## منظورِ نظر

امام اهلسنت سيّدنا امام ابُو الحسن اَشْعَرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ابوبڪر سان هميشہ الله پاڪ جي رضا شاملِ حال رهي. (ارشاد الساري، جلد8 ص30)

حضرت امام عبدُالوهاب شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "اَلْيَوَاقيت وَالْجَوَاهِر" ۾ فرمائن ٿا: الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو: ڇا توهان کي اهو ڏينهن ياد آهي؟ عرض ڪيو: جي ها ياد آهي ۽ اِهو بہ ياد آهي تہ اُن ڏينهن سڀ کان پهريان اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "بَلٰي" فرمايو هو. (هن مان مراد ميثاق وارو ڏينهن آهي، جڏهن الله پاڪ سيني انسانن جي روحن کي فرمايو هو "ڇا

مان توهان جو ربّ ناهيان؟” تہ سڀني ”بَلٰي“ يعني ”چونہ“ چيو هو)

اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ميثاق واري ڏينهن کان وٺي ولادت واري ڏينهن ۽ ولادت واري ڏينهن کان وٺي وفات واري ڏينهن ۽ وفات واري ڏينهن کان وٺي اَبَدُالآباد (يعني هميشہ هميشہ) تائين مسلمانن جا سردار آهن. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص62)

نبی کا اور خدا کا مدح گو صدیق اکبر ہے
نبی صدیق اکبر کا خدا صدیق اکبر کا

## دنيا کان ڪناره ڪشي

جنتي صحابي حضرت زيد بن اَرقم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ فرمائن ٿا: امير المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ پيئڻ جي لاءِ پاڻي طلب فرمايو تہ هڪ برتن ۾ پاڻي ۽ ماکي پيش ڪئي وئي. اميرالمؤمنين حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ان ڪي وات جي ويجهو ڪيو ۽ ايترو تہ رُنا جو حاضرين کي بہ روئاري ڇڏيائون پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ تہ خاموش ٿي ويا پر ماڻهو روئندا رهيا. (انهن جي اها حالت ڏسي) پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ تي رقت طاري ٿي وئي ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ وري روئڻ لڳا ايسيتائين جو حاضرين کي يقين ٿي ويو تہ هاڻي اسان روئڻ جو سبب بہ ڪونہ پڇي سگهنداسين، پوءِ ڪجھ دير کان پوءِ جڏهن افاقو ٿيو تہ ماڻهن عرض ڪيو: سائين ڪهڙي شيءِ توهان کي ايترو روئاريو؟ اميرالمؤمنين حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ارشاد فرمايو: مان هڪ ڏينهن حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ هيس تہ حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ وٽان ڪنهن شيءِ کي پري ڪندي فرمائي

رهيا هئا، مون ڪان پري ٿي وڃ، مون ڪان پري ٿي وڃ، پر مون کي سندن پرسان ڪا شيءِ ڏسڻ ۾ ڪانہ پئي آئي. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! توهان ڪهڙي شيءِ کي پاڻ کان پري ڪري رهيا آهيو جڏهن تہ مونکي اوهان جي پرسان ڪا شيءِ نظر نٿي اچي؟ سرڪار دوعالم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اها دنيا هئي، جيڪا سنورجي سينگارجي منهنجي سامهون آئي تہ مون ان کي چيو: مون کان پري ٿي وڃ تہ اها پري ٿي وئي. دنيا چيو: الله جو قسم توهان تہ مون کان بچي ويا پر توهان کان پوءِ اچڻ وارا ڪونہ بچي سگهندا. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: مون کي خوف ٿيو تہ دنيا مون سان چنبڙي پئي آهي. صرف انهيءَ ڳالهہ مون کي روئاري ڇڏيو. (مسند بزار، جلد1 ص196، حديث:44)

يقيناً منبعِ خوفِ خدا صديق اکبر ہیں
حقیقی عاشقِ خیر الورٰی صدیق اکبر ہیں
نہایت متقی و پارسا صدیق اکبر ہیں
تقی ہیں بلکہ شاہِ اتقیا صدیق اکبر ہیں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شان صديق اڪبر

عظيم تابعي بزرگ حضرت سعيد بن جُبَير رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: حضور نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ (سورة الفجر جون) هي مبارڪ آيتون تلاوت ڪيون ويون:

يٰۤاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَىٕنَّةُ ﴿۲۷﴾ ارْجِعِیْۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِیَةً مَّرْضِیَّةً ﴿۲۸﴾
فَادْخُلِیْ فِیْ عِبٰدِیْ ﴿۲۹﴾ وَ ادْخُلِیْ جَنَّتِیْ ﴿۳۰﴾ (پ۳۰، الفجر:۳۰،۲۷)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي اطمينان وارا ساهہ. پنهنجي رب جي طرف هن طرح واپس ٿيءُ جو تون ان ڪان راضي ۽ اهو توڪان راضي. پوءِ منهنجي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿيءُ. ۽ منهنجي جنت ۾ اچ.

تنهن تي حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ چيو: اهو ڪيترو نہ چڱو آهي. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: توهان جي موت جي وقت ملائڪ ضرور اهو چوندا. (تفسيرِ طبري، جلد ۱۲ ص ۵۱۸، حديث:۳۷۲۱۳)

سرڪارِ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: (حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ) جڏهن ڪان حضور پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آهن تڏهن ڪان ڪنهن وقت بہ جدا ناهن ٿيا. ايسيتائين جو وفات ڪان پوءِ بہ حضور اقدس صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دامن ۾ آرام فرمائي رهيا آهن.

هڪ ڀيرو حضور پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ساڄو هٿ حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو ورتو ۽ کاٻو هٿ حضرت عمر (رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ) جو ورتو ۽ فرمايو: اسان قيامت جي ڏينهن هيئن اٿاريا وينداسين.(ترمذي، جلد۵ ص۳۷۸، حديث:۳۶۸۹)

## وصال شريف

عاشق اڪبر حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ 22 جُمادَي الأُخري سن 13 هجري سومر شريف جي ڏينهن 63 سالن جي عمر ۾ دنيا مان رخصت فرمايائون. (السنن الکبريٰ للبيهقي ، جلد ٣ ص ٥٥٧ ، حديث:٣)

وصال وقت مبارڪ زبان تي آخري ڪلما هي هئا: اي پروردگار! مونکي اسلام تي موت عطا فرماءِ ۽ مونکي نيڪ ماڻهن سان ملاءِ. (الرياض النضرة ، جلد١ ص ٢٥٨)

## ڪلمي شهادت جي برڪت

حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي سندن وصال شريف ڪانپوءِ ماڻهن (خواب ۾) ڏسي پڇيو تہ اي اميرالمؤمنين! توهان زبان جي باري ۾ چوندا هيؤ تہ هن زبان مونکي هلاڪت وارين جڳهين ۾ ڪيرايو آهي تہ الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمايو تہ مون انهيءَ زبان سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ پڙهيو هو، تہ انهيءَ زبان مون کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيو.(احياءُ العلوم ، جلد٤ ص ٤٣١)

مقامِ خوابِ راحت چین سے آرام کرنے کو
بنا پہلوئے محبوبِ خدا صدیق اکبر کا

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! عاشقِ اڪبر، صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي مبارڪ زندگي اسان جي لاءِ بهترين نمونو آهي، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فَنَا فِي الرَّسُول جي عظيم مرتبي تي فائز هئا. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي هرهر ادا سُنّتِ مصطفيٰ هئي. اي ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! اسان

غلامانِ صديقِ اڪبر بہ سُنتِ مصطفيٰ تي مضبوطي سان عمل ڪرڻ شروع ڪيون، نہ صرف پاڻ بلڪ گهر گهر نيڪي جي دعوت پهچائي ٻين کي بہ سُنتن تي هلائي هن شان سان دنيا مان هليا وجون.

جيئن عاشقِ ماهِ رسالت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَۃ **لکن ٿا:**

تری سنتوں پہ چل کر مری روح جب نکل کر
چلے تُو گلے لگانا مدنی مدینے والے

**اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت!** جنّتي ابن جنّتي، صحابي ابن صحابي، حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سميت تمام صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي غلامي جو حقيقي جذبو ماڻهن ۾ دل ۾ عشقِ رسول جي شمع روشن ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي پياري پياري ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، خوب خوب مدني قافلن ۾ سفر ڪري سُنّتن کي عام ڪيو، پنهنجي چهري تي سُنّت جي مطابق هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ مٿي تي انگريزي وارن جي بدران سُنت جي مطابق زُلف سجائي مٿي اگهاڙو گهمڻ بدران عمامي شريف جو تاج سجائي ونو. الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت و فرمانبرداري ۾ زندگي گذاريندي تمام صحابہ و اهلبيت سان پيار ڪيو ڇوتہ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان عقيدت و محبت ايمان جي سلامتي جي لاءِ بيحد ضروري آهي ائين ئي شفاعتِ مصطفيٰ جي خيرات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دل ۾ اهل بيتِ اَطهار جي محبت بہ

لازمي آهي. هنن ٻنهي هستين جي محبت دل ۾ هوندي تہ ان شاءَ الله ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

اہل سنت کا ہے بیڑا پار، اصحابِ حضور　　نجم ہیں اور ناؤ ہے عترت رسول اللہ کی

## صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو گھٽو ادب ڪيو

صدرُالافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مرادآبادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مُسلمان کي گھرجي تہ صحابہ ڪرام(عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) جو تمام گھٽو ادب ڪري ۽ دل ۾ هنن جي عقيدت و محبت رکي. هنن جي محبت حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي محبت آهي ۽ جيڪو بدنصيب، صحابہ ڪرام (عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) جي شان ۾ بي ادبي ڪري اهو دشمنِ خدا ۽ دشمن رسول آهي. مسلمان اهڙي شخص وٽ نہ ويهن. (سوانح ڪربلا ، ص ٣١)

## گستاخ صحابہ کان پري رهو

حضرت علامہ جلالُ الدّين سُيُوطي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه "شَرحُ الصّدور" ۾ لکن ٿا: هڪ شخص جي موت جو وقت آيو تہ ان کي ڪلمو شريف پڙهڻ جو چيو ويو. ان جواب ڏنو تہ مان ڪلمو پڙهڻ تي قادر ناهيان ڇوتہ مان اهڙن ماڻهن جي صحبت ۾ اٿندو ويهندو هيس جيڪي ابوبڪر ۽ عمر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا کي برويلو چوڻ جي تلقين ڪندا هئا. (شرحُ الصُّدُور ، ص٣٨ مرڪز اهلسنت برڪات رضا الهند)

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! ڏنو اوهان! صرف دوستي رکڻ جو اِهو وبال آهي جو مرڻ وقت ڪلمو نصيب نہ ٿيو تہ پوءِ جيڪي ماڻهو پاڻ توهين ڪن ٿا انهن جو ڪهڙو حشر ٿيندو! لهٰذا شيخين

ڪريمين رَضِيَ اللهُ عَنْهُما سميت سيني صحابہ ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي گستاخن کان پري رهڻ ضروري آهي. صرف عاشقانِ رسول و محبانِ صحابہ و اولياء جي صحبت اختيار ڪيو، انهن عظيم هستين جي محبت جو ڏيئو پنهنجي دل ۾ ٻاريو ۽ ٻنهي جهانن جي ڀلائين جا حقدار بڻجو. پنهنجي ٻارن کي بہ هي سيکاريو تہ هر صحابيءِ نبي جنتي جنتي.

ہر صحابیِ نبی جنتی جنتی — حضرت عثمان بھی جنتی جنتی
حضرت صدیق بھی جنتی جنتی — فاطمہ اور علی جنتی جنتی
اور عمر فاروق بھی جنتی جنتی — ہر زوجہ نبی جنتی جنتی

(سيرت عاشقِ اڪبر صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو 64 صفحن جو رسالو ”عاشقِ اڪبر“ ۽ تقريباً 700 صفحن جي ڪتاب ”فيضانِ صديقِ اڪبر“ پڙهو، هن ڪي دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان مفت ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهو ٿا.)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ **”مدني انعامات“** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **”مدني قافلن“** ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ




**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net